قرآني بيان

# وِلادتِ مصطفیٰ
# جون برڪتون

(پارو:4، سورة آل عمران:164)

**22-August-2025**

مدني مراڪز (فيضانِ مدينه) ۽ شعبه امام مساجد (دعوتِ اسلامي)
جي تحت مسجدن جي لاءِ

جمعة المبارڪ جو
(For Islamic Brothers)



مدني مراڪز (فيضانِ مدينہ) ۾ شعبہ امام مساجد (دعوتِ اسلامي) جي تحت مسجدن جي لاءِ
22 آگسٽ 2025ع (اسلامي تاريخ 27 صفر شريف، 1447ھ) جمعة المبارڪ جو

قرآني بيان

بنام

(پارو:4، سورة آل عمران: 164)

# وِلادتِ مصطفيٰ جون برڪتون

هن بيان ۾ توهان ڄاڻي سگهندؤ...

- قرآن ڪريم ۾ ميلاد جو ذڪر ......
- بعثت شريف جا ڪجهه مقصد ........
- ميلاد ملهائڻ بہ تعظيمِ مصطفيٰ ۾ شامل آهي
- جشنِ ولادت ملهائڻ جا 12 مدني گُلَ

پيشڪش

الْمَدِيْنَةُ الْعِلْمِيَة

Islamic Research Center

(شعبہ: بياناتِ دعوتِ اسلامي)

FOR FEEDBACK
(+92) 315 2692 786

GET MORE SPEECHES
(+92) 310 8882 033

اَلۡحَمۡدُ لِلّٰہِ رَبِّ الۡعٰلَمِیۡنَ وَ الصَّلٰوۃُ وَالسَّلَامُ عَلٰی خَاتَمِ النَّبِیّٖن

اَمَّا بَعۡدُ فَاَعُوۡذُ بِاللّٰہِ مِنَ الشَّیۡطٰنِ الرَّجِیۡمِ بِسۡمِ اللّٰہِ الرَّحۡمٰنِ الرَّحِیۡمِ

اَلصَّلٰوۃُ وَالسَّلَامُ عَلَیۡكَ یَا رَسُوۡلَ الله وَعَلٰی اٰلِكَ وَاَصۡحٰبِكَ یَا حَبِیۡبَ الله

اَلصَّلٰوۃُ وَالسَّلَامُ عَلَیۡكَ یَا نَبِیَّ الله وَعَلٰی اٰلِكَ وَاَصۡحٰبِكَ یَا نُوۡرَ الله

نَوَیۡتُ سُنَّتَ الۡاِعۡتِکَافِ (ترجمو: مون سنّتِ اعتڪاف جي نيّت ڪئي)

## درودِ پاڪ جي فضيلت

شفاعت فرمائڻ واري آقا، مڪي مدني مصطفيٰ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَآلِهٖ وَسَلَّم فرمايو: جيڪو مون تي صبح ۽ شام 10، 10 دفعا درود پاڪ پڙهندو، ان کي قيامت جي ڏينهن منهنجي شفاعت نصيب ٿيندي.[1]

ہمیں جائیں گے خُلد میں سب سے پہلے | نبی کے ہیں ہم اور جنت نبی کی
بنائے گئے ہم شفاعت کی خاطر | ہمارے لیے ہے شفاعت نبی کی (2)

صَلُّوۡا عَلَی الۡحَبِیۡب! صَلَّی اللهُ عَلٰی مُحَمَّد

لَقَدۡ مَنَّ اللهُ عَلَی الۡمُؤۡمِنِیۡنَ اِذۡ بَعَثَ فِیۡهِمۡ رَسُوۡلًا مِّنۡ اَنۡفُسِهِمۡ یَتۡلُوۡا عَلَیۡهِمۡ اٰیٰتِهٖ وَ یُزَکِّیۡهِمۡ وَ یُعَلِّمُهُمُ الۡکِتٰبَ وَ الۡحِکۡمَةَ ۚ وَ اِنۡ کَانُوۡا مِنۡ قَبۡلُ لَفِیۡ ضَلٰلٍ مُّبِیۡنٍ ﴿۱۶۴﴾

(سيپارو: 4، آلِ عمران: 164)

صَدَقَ اللهُ الۡعَظِیۡم وَصَدَقَ رَسُوۡلُهُ النَّبِیُّ الۡکَرِیۡم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَآلِهٖ وَسَلَّم

پيارا اسلامي ڀائرو! اَلۡحَمۡدُ لِلّٰہ! اسان جي خوشنصيبي آهي جو هڪ ڀيرو ٻيهر

1... الترغيب والترهيب، ڪتاب نوافل، الترغيب فی آيات و اذڪار...الخ، صفحہ:223، حديث:29۔

2... قبالۂ بخشش، صفحہ:313۔

ماهِ نُور، ماهِ ميلادِ مصطفيٰ يعني ربيع الاول شريف تشريف فرما ٿي رهيو آهي.

پُرنُور ہے زمانہ صبحِ شبِ وِلادت | پردہ اُٹھا ہے کس کا صبحِ شبِ وِلادت
دِل جگمگا رہے ہیں قسمت چمک اُٹھی ہے | پھیلا نیا اُجالا صبحِ شبِ وِلادت
پیارے ربیع الاول تیری جھلک کے صدقے | چمکا دیا نصیبا صبحِ شبِ وِلادت (1)

پيارا اسلامي ڀائرو! ميلاد شريف ملهائڻ ۞ مصطفيٰ جي آمد واري مهيني ۾ خوشيون ملهائڻ ۞ گهر ۞ گهِٽيُون ۞ محلا سجائڻ ۞ ميلاد شريف جون محفلون سجائڻ ۞ هن خوشي ۾ لنگر تيار ڪرڻ ۞ ڪاڏا ورهائڻ وغيره تمام گهڻو سعادت جو ڪم آهي، بلڪ هي اهڙو نيڪ ڪم آهي، جنهن ۾ دين ۽ دنيا جون سعادتون گڏ ڪيون ويون آهن.

آمنہ کے گھر محمَّد کی وِلادت ہو گئی | خوب جھومو اَہلِ ایماں عیدِ میلادُ النبی
خوب جھومو اے گنہگارو تمہاری عید ہے | ہو گیا بخشش کا ساماں عیدِ میلادُ النبی
غم کے مارو! بے سہارو! بس تمہاری عید ہے | ہو گیا راحت کا ساماں عیدِ میلادُ النبی
غم نصیبو! اب غموں کا دُور اندھیرا ہو گیا | تم مناؤ خوب خوشیاں عیدِ میلادُ النبی (2)

## قرآن ڪريم ۾ ميلاد جو ذڪر

پيارا اسلامي ڀائرو! اسان جا آقا ۽ موليٰ، مڪي مدني مصطفيٰ صَلَّی اللّٰہُ عَلَیْہِ وَآلِہٖ وَسَلَّم مخلوق ۾ سڀ کان افضل ۽ اعليٰ آهن. اَلحمدُ لِلّٰہ!قرآن ڪريم ۾ 7 هزار هنڌن تي پاڻ سڳورن صَلَّی اللّٰہُ عَلَیْہِ وَآلِہٖ وَسَلَّم جو واضح لفظن ۾ ذڪرِ پاڪ آيو آهي.(3)

۞ قرآن ڪريم ۾ پاڻ ڪريم صَلَّی اللّٰہُ عَلَیْہِ وَآلِہٖ وَسَلَّم جي مبارڪ نالن جو بہ ذڪر آهي

۞ پاڻ صَلَّی اللّٰہُ عَلَیْہِ وَآلِہٖ وَسَلَّم جي ولادت واري جاءِ ***(Birthplace)*** جو بہ ذڪر آهي

1... ذوقِ نعت،صفحہ:93-94-96 ملتقطاً۔
2... ، وسائلِ بخشش،صفحہ:380-381 ملتقطاً۔
3... بصائر ذوی التمیز ،الباب الثلاثون،بصیرۃ فی ذکر نبینا ،جلد:6 ،صفحہ:17۔

۞ پاڻ صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَآلِهٖ وَسَلَّم جي مبارڪ اعضاء جو بہ ذڪر آهي ۞ پاڻ صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَآلِهٖ وَسَلَّم جي صفتن جو بہ ذڪر آهي ۞ پاڻ صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَآلِهٖ وَسَلَّم جي فضيلتن جو بہ ذڪر آهي ۞ ۽ اَلحمدُلِلّٰه! قرآن ڪريم ۾ 2 يا 4 دفعا نہ، پر هڪ محتاط اندازي مطابق ڪل 27 هنڌن تي ميلاد (يعني پاڻ صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَآلِهٖ وَسَلَّم جي دنيا ۾ تشريف آوري) جو ذڪر موجود آهي.

حسنؔ وِلادتِ سرکار سے ہوا روشن | مرے خُدا کو بھی پیاری ہے بارہویں تاریخ(1)

بيان جي شروعات ۾ اسان سيپارو: 4، سورة آلِ عمران جي آيت: 164 ٻڌڻ جي سعادت حاصل ڪئي ۞ هن آيتِ ڪريمہ ۾ بہ پاڻ ڪريم صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَآلِهٖ وَسَلَّم جي دنيا ۾ تشريف آوري جو بيان آهي ۞ پاڻ صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَآلِهٖ وَسَلَّم جي فضيلتن ۽ مناقب جو بيان آهي ۞ پاڻ صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَآلِهٖ وَسَلَّم دنيا ۾ تشريف فرما ٿيا، رسول بڻجي آيا ۞ ايمان ڏيڻ آيا ۞ قرآن سيکارڻ آيا ۞ علم ۽ حڪمت سيکارڻ آيا ۞ دلين کي چمڪائڻ آيا ۞ ۽ ڀٽڪيَل انسانذات کي سِڌو رستو ڏيکارڻ لاءِ تشريف کڻي آيا ۞ اهي سيئي ڳالهيون هن آيتِ ڪريمہ ۾ بيان ڪيون ويون آهن.

هاڻي ٿورو پاڻ سوچيوغور فرمايو! اسان جڏهن ميلاد ملهائيندا آهيون ۞ مصطفيٰ جي ميلاد جي محفل سجائيندا آهيون ۞ ميلاد جا اجتماع ڪندا آهيون، تہ انهن ۾ ڇا ٿيندو آهي؟ ۞ تلاوت ڪئي ويندي آهي ۞ نعتون پڙهيون وينديون آهن ۞ پياري آقا، مڪي مدني مصطفيٰ صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَآلِهٖ وَسَلَّم جي ولادتِ باسعادت جو بيان ڪيو ويندو آهي ۞ سندن معجزن ***(Miracles)*** جي باري ۾ ٻڌايو ويندو آهي ۞ انهن جي فضيلتن ۽ مناقب جو بيان ٿيندو آهي. يعني اهي ئي ڳالهيون جن جو قرآن ۽ حديث ۾ ذڪر آهي، سي ئي بيان ڪيون وينديون آهن. تنهنڪري ثابت ٿيو تہ ميلاد ملهائڻ ۾ ڪو حرج نہ آهي، بلڪ اهو تمام وڏي سعادت وارو ڪم آهي. اللّٰه پاڪ اسان کي خوب جوش ۽ جذبي سان،

---

1... ذوقِ نعت،صفحہ:122۔

ذوق ۽ شوق سان ميلاد جون خوشيون ملهائڻ جي توفيق عطا فرمائي. اچو ته! آيتِ ڪريمه جي وضاحت ٻڌون ٿا:

## آيتِ ڪريمه جي مختصر وضاحت

الله پاڪ فرمايو:

| | |
|---|---|
| لَقَدْ (پارو: 4، آلِ عمران: 164) | ترجموڪنزُ العرفان: بيشڪ |

لَام جي معنيٰ آهي: ضرور. قَدْ جو مطلب آهي: تحقيق، بيشڪ. عربي (*Arabic*) ۾ جڏهن ڪنهن ڳالهه کي پڪو ڪري تاڪيد سان بيان ڪرڻو هوندو آهي ته اهي لفظ استعمال ڪيا ويندا آهن، ان جو مطلب آهي ته هاڻي جيڪا ڳالهه ٻڌائي ويندي، اها تمام اهم به آهي ۽ ان جا انڪاري به گهڻا آهن، تنهنڪري الله پاڪ ٻِيٽي تاڪيد جو ذڪر ڪيو. لَقَدْ ضرور، تحقيق. [1]

| | |
|---|---|
| مَنَّ اللهُ عَلَى الْمُؤْمِنِيْنَ (پارو: 4، آلِ عمران: 164) | ترجموڪنزالعرفان: الله ايمان وارن تي وڏو احسان فرمايو. |

هتي ٻه ڳالهيون آهن: **(1):** اها ته اِڳتي جنهن نعمت ۽ احسان جو ذڪر آهي، اهو صرف مسلمانن تي نه، پر سموري انسانذات (***Humanity***) تي هو، پر جيئن ته الله ڪريم جي هن فضل ۽ احسان کي مڃڻ وارا ۽ ان جو شڪر ڪرڻ وارا صرف مسلمان ئي آهن، تنهنڪري فرمايو ويو: الله پاڪ مسلمانن تي احسان ڪيو. **(2):** ٻي ڳالهه اها ته بغير محنت ۽ بغير معاوضي جي، فقط احسان طور جيڪو انعام عطا ڪيو وڃي، ان کي عربي ۾ مَنّ چيو ويندو آهي. [2] يعني اسان ان جي لائق نه هئاسين ته اسان تي اهو احسان ڪيو وڃي ها، پر الله پاڪ فقط پنهنجي عظيم فضل سان اسان تي هي احسان فرمايو، ڪهڙو احسان ڪيو ويو؟

---

1... تفسيرِ نعيمی،پاره:4،آلِ عمران،زيرِ آيت:164،جلد:4،صفحہ:346 خلاصۃً۔

2... تفسيرِ نعيمی،پاره:4،آلِ عمران،زيرِ آيت:164،جلد:4،صفحہ:347 خلاصۃً۔

ارشاد ٿيو:

| | |
|---|---|
| اِذْ بَعَثَ فِيْهِمْ رَسُوْلًا مِّنْ اَنْفُسِهِمْ (پارو: 4، آلِ عمران: 164) | ترجمو ڪنزالعرفان: جڏهن انهن ۾ هڪ رسول موڪليو، جيڪو انهن ئي مان آهي. |

سُبْحٰنَ الله! هي آهي ربّ ڪريم جو اهو عظيم الشان احسان، جيڪو الله پاڪ اسان کي جَتايو آهي.

رَبِّ اعلیٰ کی نعمت پہ اعلیٰ درود | حق تَعَالٰی کی مِنَّت پہ لاکھوں سلام
ہم غریبوں کے آقا پر بےحد درود | ہم فقیروں کی ثَرْوَت پہ لاکھوں سلام (1)

**وضاحت:** الله ڪريم، جيڪو تمام وڏي شان وارو آهي، ان جي اعليٰ ترين نعمت حضورِ اڪرم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَآلِهٖ وَسَلَّم تي اعليٰ درود هجن، الله پاڪ پنهنجو محبوب اسان جي هدايت لاءِ موڪلي جيڪو احسان فرمايو، ان محبوب صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَآلِهٖ وَسَلَّم تي لکين ڪروڙين سلام هجن. اهي محبوب صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَآلِهٖ وَسَلَّم جيڪي اسان غريبن جا آقا آهن، اسان فقيرن جي دولت آهن، ان تي بيحد درود ۽ بيشمار سلام هجن.

پيارا اسلامي ڀائرو! هتي هڪ ايمان افروز نقطو بہ آهي، ڏسو! ربّ ڪريم فرمايو:

اِذْ بَعَثَ فِيْهِمْ رَسُوْلًا

بَعَثَ جو مطلب آهي: موڪلڻ. ۽ موڪليو ان کي ويندو آهي، جيڪو پهريان کان موجود هجي. قرآن ڪريم ۾ منهنجي، اوهان جي ۽ سيني انسانن جي دنيا ۾ اچڻ جو ذڪر بہ آهي، پر انهن لفظن سان الله پاڪ فرمائي ٿو:

| | |
|---|---|
| خَلَقَ الْاِنْسَانَ (پارو: 14، النحل: 4) | ترجمو ڪنزالعرفان: ان انسان کي پيدا ڪيو |

1... حدائقِ بخشش، صفحہ:298۔

يعني اسان ۽ عام انسانن جي لاءِ لفظ استعمال ٿيو: خَلَقَ(جنهن جي معنيٰ آهي: پيدا ڪرڻ). رسولِ ذيشان، مڪي مدني سلطان صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَ آلِهٖ وَ سَلَّم جن لاءِ لفظ استعمال ٿيو: بَعَثَ، جنهن جي معنيٰ آهي: موڪلڻ. ۞ دنيا ۾ اسان بہ آياسين ۞ دنيا ۾ اسان جا آقا صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَ آلِهٖ وَ سَلَّم بہ تشريف فرما ٿيا ۞ پوءِ هي لفظن جو فرق (*Difference*)ڇو آهي؟ ڇاڪاڻ تہ انهن جو اچڻ مختلف آهي ۽ اسان جو اچڻ مختلف آهي ۞ اهي هدايت ڏيڻ جي لاءِ آيا، اسان هدايت وٺڻ جي لاءِ آياسين ۞ اهي ايمان ڏيڻ جي لاءِ آيا، اسان ايمان وٺڻ جي لاءِ آياسين ۞ اهي قرآن سيکارڻ جي لاءِ آيا، اسان قرآن سکڻ جي لاءِ آياسين ۞ اهي الله پاڪ جي اعليٰ ترين نعمت آهن، جيڪي تحفي (*Gift*)۽ احسان طور اسان کي عطا ڪيا ويا آهن.(1)

دِل جگمگا رہے ہیں قسمت چمک اُٹھی ہے | پھیلا نیا اجالا صبحِ شبِ وِلادت
دِن پھر گئے ہمارے، سوتے نصیب جاگے | خورشید ہی وہ چمکا صبحِ شبِ وِلادت (2)

مفتي احمد يار خان نعيمي رَحْمَةُ اللّٰهِ عَلَيْه هن مقام تي فرمائن ٿا: پاڻ ڪريم صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَ آلِهٖ وَ سَلَّم جن جو دنيا ۾ اچڻ ائين آهي جيئن ڪنهن حاڪم جو هڪ جاءِ کان ٻي جاءِ تي **بَدلِي** (*Transfer*) تي اچڻ ، ان جو مطلب اهو نہ آهي تہ ان آفيسر جي تخليق ئي هاڻي ٿي آهي، بلڪ هو پهريان ئي موجود هو، هاڻي صرف جاءِ جي تبديلي ٿي آهي. ائين ئي اول ۽ آخري نبي، رسولِ هاشمي صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَ آلِهٖ وَ سَلَّم جي نور مبارڪ جي تخليق سموري مخلوق کان پهريان ٿي چڪي هئي، دنيا ۾ اچڻ کان پهريان پاڻ سڳورا صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَ آلِهٖ وَ سَلَّم عالَمِ ارواح ۾ رسول هئا، سيني نبين کي فيض ڏئي رهيا هئا، يعني ان وقت پاڻ ڪريم صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَ آلِهٖ وَ سَلَّم عالَمِ

1... تفسيرِ نعيمى،پاره:4،آلِ عمران،زيرِ آيت:164،جلد:4،صفحہ:347 مفصلاً۔
2... ذوقِ نعت،صفحہ:94-96 ملتقطاً۔

ارواح ۾ رهي ڪري انبياءِ ڪرام عليهم السَّلام جي ذريعي دنيا کي پنهنجي نور ۽ تجلين سان نوازي رهيا هئا، هاڻي آقا ڪريم صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَ آلِهٖ وَسَلَّم پاڻ بَذاتِ خود دنيا ۾ تشريف کڻي آيا ۽ بلاواسطہ دنيا کي نوازڻ شروع ڪيائون.[1]

| | |
|---|---|
| ہو مبارک اَہلِ ایماں عیدِ میلاد النبی | ہو گئی قسمت درخشاں عیدِ میلاد النبی |
| چار جانِب دُھوم ہے سرکار کے میلاد کی | جھومتا ہے ہر مسلماں عیدِ میلاد النبی |
| کِھل اُٹھے مرجھائے دِل اور جان میں جان آگئی | آگئے ہیں جانِ جاناں عیدِ میلاد النبی |
| یانبی! اپنی وِلادت کی خوشی میں اپنا غم | دیجئے طیبہ کے سُلطاں عیدِ میلاد النبی (2) |

## بعثت شريف جا ڪجھ مقصد

ان ڪان پوءِ اللّٰه پاڪ فرمايو:

| | |
|---|---|
| يَتْلُوْا عَلَيْهِمْ اٰيٰتِهٖ وَيُزَكِّيْهِمْ (پارو: 4، آلِ عمران: 164) | ترجموڪنزالعرفان: اهو انهن جي سامهون اللّٰه جون آيتون تلاوت فرمائيندو آهي ۽ انهن کي پاڪ ڪندو آهي. |

يعني اسان جا پيار آقا، مڪي مدني مصطفيٰ! صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَ آلِهٖ وَسَلَّم دنيا ۾ چو تشريف فرما ٿيا؟ ان جا ڪجھ مقصد آهن: **(1):** پاڻ صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَ آلِهٖ وَسَلَّم ان ڪري تشريف کڻي آيا تہ جيئن اللّٰه پاڪ جون آيتون مؤمنن کي پڙهي ٻڌائن **(2):** ان ڪري تشريف آوري فرمايائون تہ جيئن ماڻهن کي بُرن عقيدن، بُرن عملن، بُرن اخلاقن، بُرن ڪردارن ۽ بُرن نظرين کان، مطلب تہ هر قسم جي گندگي کان پاڪ ۽ صاف ڪري، انهن جي دلين کي روشن ۽ چمڪدار (*Bright*) بڻائي ڇڏين.[3]

1... تفسيرِ نعيمی،پاره:11،التوبہ،زيرِ آيت:128،جلد:11،صفحہ:151مفصلًا۔

2...وسائل بخشش، صفحہ:379-381 ملتقطًا۔

3... تفسيرِ نعيمی،پاره:4،آلِ عمران،زيرِ آيت:164،جلد:4،صفحہ:349 خلاصۃً۔

یہ سیدھا راستہ حق کا بتانے آئے ہیں | یہ حق کے بندوں کو حق سے مِلانے آئے ہیں
یہ بھولے بچھڑوں کو رستے پہ لانے آئے ہیں | یہ بھولے بھٹکوں کو ہادی بنانے آئے ہیں
خدائے پاک کے جلوے دکھانے آئے ہیں | دِلوں کو نُور کے بقعے بنانے آئے ہیں (1)

وڌيڪ ارشاد فرمايو ويو:

وَيُعَلِّمُهُمُ الْكِتٰبَ وَالْحِكْمَةَ ۚ (پارو: 4، آلِ عمران: 164)

ترجموڪنزالعرفان: ۽ انهن کي ڪتاب ۽ حڪمت جي تعليم ڏيندو آهي.

هن جاءِ تي ڪتاب مان مراد قرآنِ ڪريم آهي ۽ حڪمت جو هڪ مطلب سنت ۽ حديث به آهي.[2] يعني محبوبِ ذيشان، مڪي مدني سلطان صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَآلِهٖ وَسَلَّم ماڻهن کي الله پاڪ جو ڪتاب سيکارڻ، حديثون ٻڌائڻ ۽ پنهنجي سنت سيکارڻ جي لاءِ تشريف کڻي آيا.

## قرآن سکڻ جو درست انداز

پيارا اسلامي ڀائرو! اڄڪلھ فتنن جو دور آهي، ماڻهن ۾ مسلسل سستي (*Laziness*)وڌي رهي آهي. ڪجھ ماڻهن کي قرآن ڪريم سکڻ جو شوق پيدا ٿيندو آهي، اها سٺي ڳالھ آهي پر اهي قرآن سکڻ جي لاءِ سوشل ميڊيا جو سهارو وٺندا آهن، اهڙا ماڻهو جيڪي پاڻ جاهل آهن، انهن جون وڊيوز ڏسي، انهن جون ڪِلپون ٻڌي قرآن ڪريم کي سمجهڻ جي ڪوشش ڪندا آهن. ياد رکو! قرآن ڪريم ڪو عام ڪتاب (*Ordinary Book*) نہ آهي، ان کي سمجهڻ ايترو آسان (*Easy*) نہ آهي. توهان پاڻ سوچيو! قرآن اهو عظيم الشان ڪتاب آهي، جنهن کي سيکارڻ لاءِ الله پاڪ امامُ الانبياء صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَآلِهٖ وَسَلَّم کي موڪليو. واضح ڳالھ آهي، نصاب (*Syllabus*)جيترو عظيم ۽ وڏي ڪلاس جو هوندو

---

1... سامانِ بخشش،صفحہ:137۔

2... تفسیرِ نعیمی،پارہ:4،آلِ عمران،زیرِ آیت:164،جلد:4،صفحہ:346 خلاصۃً۔

آهي، استاد بہ ايترو ئي ماهر (*Expert*)چونديو ويندو آهي. هاڻي ٻڌايو! اهڙو عظيم الشان ڪتاب، جنهن کي پڙهائڻ ۽ سيکارڻ جي لاءِ ربّ پاڪ نبين جي سردار صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَ آلِهٖ وَسَلَّم کي موڪليو هجي، ڇا اسان ان ڪتاب کي صرف ڪجهہ ويډيو ڪلپس ڏسي ۽ 2، 4 ترجما پڙهي سکڻ جي ڪوشش ڪنداسين تہ ڇا ان کي سکي وٺنداسين؟ نہ نہ...!! اهو عظيم نصاب آهي ۞ ان کي سکڻ ۽ سمجهڻ جي لاءِ باقاعدي ڪنهن عاشقِ رسول عالمِ دين جي خدمت ۾ حاضر ٿي سکڻ گهرجي ۞ جيڪڏهن تفسيرِ قرآن بابت ويډيوز وغيره ڏسڻيون هجن تہ اُهي بہ ڪنهن عاشقِ رسول مستند عالمِ دين جون ئي ڏسو ۞ عاشقانِ رسول عُلماءِ ڪرام جون لکيل تفسيرون ئي پڙهو ۞ الحمدلله! دعوتِ اسلامي **تفسير صراط الجنان** عطا ڪئي آهي، ان کي پڙهو! ۞ **تفسير نور العرفان** پڙهو! ۞ **تفسير خزائن العرفان** پڙهو! **تفسير صراط الجنان** جي تہ الحمدلله! موبائل ايپلي ڪيشن بہ موجود آهي، ان کي پنهنجي موبائل ۾ انسٽال ڪري ڇڏيو! ان مان فائدو حاصل ڪيو! مدني چينل تي درسِ قرآن جا پروگرام ڏسو! اِنْ شَآءَ اللّٰهُ الْكَرِيْم! نورِ قرآن، فيضانِ قرآن نصيب ٿيندو. الله پاڪ عمل جي توفيق عطا فرمائي.

اٰمِين بِجَاهِ خَاتَمِ النَّبِيّٖن صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم.

ان ڪان پوءِ الله پاڪ فرمايو:

| | |
|---|---|
| وَ اِنْ كَانُوْا مِنْ قَبْلُ لَفِيْ ضَلٰلٍ مُّبِيْنٍ ﴿۱۶۴﴾ (پارو: 4، آلِ عمران: 164) | ترجموڪنزالعرفان: جڏهن تہ اُهي ان کان اڳ ۾ کليل گمراهي ۾ هئا. |

هن ۾ بہ رسولِ ذيشان، مڪي مدني سلطان صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَ آلِهٖ وَسَلَّم جي نعتِ پاڪ آهي، اعليٰ حضرت رَحْمَةُ اللّٰهِ عَلَيْه ان کي هن ريت بيان ڪيو آهي:

سب چمک والے اُجلوں میں چمکا کیے | اندھے شیشوں میں چمکا ہمارا نبی (1)

خليفهٔ اعليٰ حضرت مولانا ظفر الدين بهاري رَحۡمَةُ اللّٰہِ عَلَيۡه هن شعر جي وضاحت ڪندي فرمائن ٿا: جيڪڏهن سج جي سامهون هڪ آئينو سڌو رکيو وڃي ته جڏهن سج جي روشني ان آئيني تي پوندي ته اُنَ جو اولِڙو زمين تي پوندو جنهن سان ائين لڳندو ڄڻ زمين تي به هڪ سج موجود آهي، يعني اهو آئينو ايترو چمڪدار ٿي ويندو پر جيڪڏهن ساڳئي ئي سج جي سامهون اهو ئي آئينو اُونڌو ڪري رکيو وڃي، يعني آئيني جو رنگ لڳل پُٺيون پاسو سج ڏانهن ڪيو وڃي، ته هڪ نه، پر هزارين سج به ان کي روشن نه ڪري سگهندا. ها! اهڙي انڌي شيشي کي روشن ڪرڻ ماهِ طيبه، مڪي مدني مصطفيٰ صَلَّی اللّٰہُ عَلَیۡہِ وَ آلِہٖ وَ سَلَّم جو ئي ڪمال آهي. ڏسو! حضرت اسحاق عَلَيۡهِ السَّلام کان وٺي حضرت عيسيٰ عَلَيۡهِ السَّلام تائين جيترا به نبي ۽ رسول تشريف فرما ٿيا، اهي سڀ بني اسرائيل ۾ آيا، بني اسرائيل وارا دين کي سڃاڻيندا هئا، انهن وٽ هر دور ۾ دين جو چرچو رهيو هو، هڪ نبي تشريف ڪٽي ويندو هو ته ٻيو نبي تشريف ڪٽي ايندو هو، يعني بني اسرائيل ڄڻ هڪ سڌي رکيل آئيني وانگر هئا، انهن کي صرف سج جي روشنيءَ جي ضرورت هئي، جيڪا نبين جي تشريف آوري سان پوري ٿي ويندي هئي ۽ انهن جون دليون جڳمڳائڻ لڳنديون هيون. پر قربان وڃجي! اسان جي آقا ۽ موليٰ، مڪي مدني مصطفيٰ صَلَّی اللّٰہُ عَلَیۡہِ وَ آلِہٖ وَ سَلَّم تان، جن جو شان انتهائي نرالو آهي، پاڻ صَلَّی اللّٰہُ عَلَیۡہِ وَ آلِہٖ وَ سَلَّم عرب ۾ تشريف فرما ٿيا، بني اسماعيل ۾ تشريف ڪٽي آيا، هِي اهڙا ماڻهو هئا جن وٽ حضرت اسماعيل عَلَيۡهِ السَّلام کان پوءِ ڪو به نبي تشريف ڪٽي نه آيو هو، اهي ماڻهو ديني لحاظ کان گهري اونداهيءَ ۾ هئا، انهن کي نه ڪي دين جو علم هو ۽ نه ئي وري نبوت کي سڃاڻيندا هئا، انهن جو مثال اهڙو آهي جيئن ابتو رکيل آئينو هجي، الله پاڪ جي فضل سان ماهِ طيبه، رسولِ خدا، احمد مجتبيٰ صَلَّی اللّٰہُ عَلَیۡہِ وَ آلِہٖ وَ سَلَّم انهن

1... حدائقِ بخشش،صفحہ:140۔

ماڻهن ۾ تشريف فرما ٿيا ۽ پنهنجي نوراني شعاعن سان انهن جي اندن آئينن يعني گناهن جي سياهي ۾ ٻڏل دلين کي روشن ڪري ڇڏيائون.(1)

دن پھر گئے ہمارے سوتے نصیب جاگے | خُورشید ہی وہ چمکا صُبحِ شبِ وِلادت (2)

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِیْب! صَلَّی اللّٰہُ عَلٰی مُحَمَّد

## ميلاد جون برڪتون

پيارا اسلامي ڀائرو! اسان هيءَ هڪ آيتِ ڪريمہ ٻڌڻ جي سعادت حاصل ڪئي، هن آيت ۾ الله پاڪ محبوبِ ذيشان، مڪي مدني سلطان صَلَّی اللّٰہُ عَلَیْہِ وَآلِہٖ وَسَلَّم جي دنيا ۾ تشريف آوري کي تمام وڏو **احسان** قرار ڏنو آهي ۽ جڏهن الله پاڪ احسان فرمائي، الله پاڪ جي نعمت ملي تہ اسان کي ڇا ڪرڻ گهرجي؟ ٻئي هنڌ الله پاڪ فرمائي ٿو:

وَ اَمَّا بِنِعْمَةِ رَبِّكَ فَحَدِّثْ ﴿۱۱﴾
(پارو: 30، الضحیٰ: 11)

ترجمو ڪنز العرفان: ۽ پنهنجي رب جي نعمت جو خوب چرچو ڪر.

معلوم ٿيو تہ! جڏهن الله پاڪ جي طرفان ڪا نعمت ملي تہ ان نعمت جو شڪر ادا ڪرڻ جي لاءِ ان جو خوب چرچو ڪرڻ گهرجي. ميلاد اصل ۾ اهو ئي آهي، ميلاد نعمت جو شڪر آهي ۽ اسان ڄاڻون ٿا تہ نعمت جيتري وڏي هوندي آهي، شڪر بہ ايترو ئي وڏي جوش ۽ جذبي سان ڪيو ويندو آهي. مثال طور: ۞ اوهان کي **10** روپين جي ضرورت هئي، ڪنهن اوهان کي ڏئي ڇڏيا، اوهان سندس شڪريو ادا ڪندا ۞ پر جڏهن توهان کي پروموشن ملندو آهي، ڪم ۾، نوڪري (*Job*) ۾ ترقي (*Promotion*)ملندي آهي تڏهن توهان ڇا ڪندا آهيو؟ دوستن جون دعوتون ڪندا آهيو، مٺايون (*Sweets*) ورهائيندا

1... تحفۂ معراج النبی،صفحہ:253-254ملتقطًا۔
2... ذوقِ نعت،صفحہ:96۔

آهيو ۞ فرض ڪريو! اوهان کي اولاد نہ آهي، شادي (*Marriage*)کي ڪيترائي سال گذري ويا آهن، **20** سالن ڪان پوءِ الله پاڪ اوهان کي چنڊ جهڙو پٽ عطا ڪيو آهي، اهڙي موقعي تي ڇا ڪندا آهيو؟ سيني ۾ دل جهمومي رهي هوندي آهي، کُلي دل سان سخاوت (*Generosity*)ڪئي ويندي آهي، سڄي پاڙي ۾ مٺايون ورهايون وينديون آهن، رشتيدارن (*Relatives*) کي دعوت ڏئي گهرايو ويندو آهي ۽ پنهنجي خوشي ۾ شريڪ ڪيو ويندو آهي. ان مان معلوم ٿيو تہ جيتري وڏي نعمت هوندي آهي، اوترو ئي وڌيڪ جوش ۽ خروش سان ان جو شڪر ادا ڪيو ويندو آهي ۽ خوشي ملهائي ويندي آهي. قرآن ڪريم مان جڏهن اِهو ثابت آهي تہ ايمان وارن لاءِ سڀ ڪان وڏي نعمت، الله پاڪ جو سڀ ڪان وڏو فضل جيڪو آهي، اهو رسولِ ذيشان، مڪي مدني سلطان صَلَّی اللّٰہُ عَلَيۡہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم آهن، تہ هاڻي پاڻ سوچيو! هن نعمت ملڻ جي موقعي تي اسان کي ڪيتري جوش ۽ خروش سان شڪر ادا ڪرڻو آهي، ڪيتريون خوشيون ملهائڻيون آهن.

## ميلاد ملهائڻ بہ تعظيمِ مصطفيٰ ۾ شامل آهي

پارو: **26**، سورة فتح، آيت: **8-9** ۾ الله پاڪ ارشاد فرمايو آهي:

اِنَّاۤ اَرۡسَلۡنٰكَ شَاهِدًا وَّ مُبَشِّرًا وَّ نَذِيۡرًا ۙ﴿۸﴾ لِّتُؤۡمِنُوۡا بِاللّٰهِ وَ رَسُوۡلِهٖ وَ تُعَزِّرُوۡهُ وَ تُوَقِّرُوۡهُ ؕ وَ تُسَبِّحُوۡهُ بُكۡرَةً وَّ اَصِيۡلًا ﴿۹﴾

(پارو: 26، الفتح: 8-9)

ترجموڪنزالعرفان: بيشڪ اسان توهان کي گواهہ ۽ خوشخبري ڏيڻ وارو ۽ ڊيڄاريندڙ بڻائي موڪليو تہ جيئن (اي انسانو!) توهان الله ۽ ان جي رسول تي ايمان آڻيو ۽ رسول جي تعظيم ۽ توقير ڪريو ۽ صبح ۽ شام الله جي پاڪائي بيان ڪريو.

هن آيتِ ڪريمہ ۾ الله پاڪ اسان مسلمانن کي رسولِ اڪرم، نورِ مجسم صَلَّی اللّٰہُ عَلَيۡہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جي خوب تعظيم ۽ توقير جو حڪم ڏنو آهي. علامہ اسماعيل

حقي رَحۡمَةُ اللّٰهِ عَلَيۡه فرمائن ٿا: سرڪارِ عالي وقار، مڪي مدني تاجدار صَلَّى اللّٰهُ عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي ميلاد جي محفل سجائڻ به سندن تعظيم ۽ توقير (*Respect*)۾ شامل آهي. [(1)]

ذکرِ میلادِ مبارک کیسے چھوڑیں ہم بھلا | جن کا کھاتے ہیں اُنہی کے گیت گاتے جائیں گے
مُنعَقِد کرتے رہیں گے اجتماعِ ذکرونعت | دھوم اُن کی نعت خوانی کی مچاتے جائیں گے

## جشنِ ولادت ملهائڻ جو ثواب

شيخ عبد الحق محدث دهلوي رَحۡمَةُ اللّٰهِ عَلَيۡه فرمائن ٿا: سرڪارِ مدينہ، راحتِ قلب و سينہ صَلَّى اللّٰهُ عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي ولادت جي رات خوشي ملهائڻ وارن جي جزا اها آهي تہ الله پاڪ انهن کي پنهنجي فضل ۽ ڪرم سان جَنّٰتُ النَّعِيۡم ۾ داخل فرمائيندو ۞ مسلمان هميشہ کان ميلاد جون محفلون سجائيندا، ولادت جي خوشي ۾ دعوتون ڪندا، کاڌا پچرائيندا ۽ خوب صدقا ۽ خيراتون ڪندا آيا آهن ۞ مصطفيٰ جي ولادت جي موقعي تي خوب خوشي جو اظهار ڪيو ويندو آهي ۞ راهِ خدا ۾ دل کولي خرچ ڪيو ويندو آهي ۞ پاڻ صَلَّى اللّٰهُ عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي ولادتِ باسعادت جي ذڪر جو اهتمام ڪيو ويندو آهي ۞ گهرن کي سينگاريو ويندو آهي ۞ انهن سيني سٺن ڪمن جي برڪت سان مسلمانن تي الله پاڪ جون رحمتون نازل ٿينديون آهن. [(2)]

## الله پاڪ فخر فرمائيندو آهي

اسلام جا پهريان بادشاه، اميرِ سلطنتِ مصطفيٰ، عظيم صحابي رسول حضرت اميرِ معاويہ رَضِيَ اللّٰهُ عَنۡهُ فرمائن ٿا: هڪ دفعي صحابہ ڪرام عَلَيۡهِمُ الرِّضۡوَان حلقو ناهي وينا هئا تہ سرڪارِ عالي وقار، مڪي مدني تاجدار صَلَّى اللّٰهُ عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم تشريف ڪٺي آيا. پاڻ صَلَّى اللّٰهُ عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم پڇيو: مَااَجۡلَسَكُمۡ؟ يعني اي منهنجا صحابہ! توهان

1...تفسير روح البيان، پاره:26، الفتح،زير آيت:29، جلد:9، صفحہ:56۔

2...ما ثبت من السنة، صفحہ:102 ملتقطًا۔

هتي حلقو ناهي چو وينا آهيو؟ عرض ڪيائون: جَلَسْنَا نَدْعُوا اللهَ وَنَحْمَدُهٗ عَلٰى مَا هَدَانَا لِدِيْنِهٖ وَمَنَّ عَلَيْنَا بِكَ يعني (يا رسولَ الله صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَآلِهٖ وَسَلَّم!) الله پاڪ اوهان کي موڪلي اسان تي جيڪو احسان ڪيو آهي، اسان کي دينِ اسلام جي هدايت نصيب فرمائي آهي، اسان اُنَ نعمت تي الله پاڪ جي حمد ۽ ثنا بيان ڪري رهيا آهيون ۽ دعائون گُهري رهيا آهيون.

پياري نبي، محمدِ عربي صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَآلِهٖ وَسَلَّم ٻيهر پڇيو: ڇا اوهان قسم کڻو ٿا ته اوهان صرف هن مقصد (*Purpose*) لاءِ ئي وينا آهيو؟ عرض ڪيائون: الله پاڪ جو قسم! اسان صرف هن ئي مقصد لاءِ وينا آهيون. ان تي رسولِ رحمت، شفيعِ امت صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَآلِهٖ وَسَلَّم فرمايو: مون قسم ان ڪري نه کڻايو ته مون کي اوهان تي ڪو شڪ هو، پر معاملو هي آهي ته هاڻي هاڻي جبرائيلِ امين عَلَيْهِ السَّلَام آيا ۽ ٻڌايائون ته (يا رسولَ الله صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَآلِهٖ وَسَلَّم! اوهان جا صحابه اوهان جي آمد جي خوشي ۾ گڏجي وينا آهن ۽ الله پاڪ جو شڪر ادا ڪري رهيا آهن) ۽ الله پاڪ فرشتن جي سامهون انهن تي فخر فرمائي رهيو آهي. (1)

سُبْحٰنَ الله! پيارا اسلامي ڀائرو! محبوب صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَآلِهٖ وَسَلَّم جي آمد کي پنهنجي حق ۾ الله پاڪ جو عظيم احسان مڃيندي، گڏجي ويهي ان تي الله پاڪ جو شڪر ادا ڪرڻ يا ٻين لفظن ۾ ائين کڻي چئجي ته ميلاد جي محفل سجائڻ ڪيترو فضيلت وارو ڪم آهي جو صحابه ڪرام عَلَيْهِمُ الرِّضْوَان اهو ڪم ڪيو ته الله پاڪ فرشتن جي سامهون انهن تي فخر فرمايو.

وہ لوگ خُدا شاہِد قسمت کے سکندر ہیں
جو سرورِ عالَم کا میلاد مناتے ہیں

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللّٰهُ عَلٰى مُحَمَّد

1... نسائی، کتاب آداب القضاة، کیف یستحلف الحاکم، صفحہ:861، حدیث: 5436۔

# محفلِ ميلادِ مصطفيٰ جون برڪتون

علماءِ ڪرام فرمائن ٿا: ميلاد ملهائڻ تعظيمِ مصطفيٰ جي هڪ صورت آهي ۞ ميلاد ملهائي مسلمان الله پاڪ جي هڪ وڏي نعمت (يعني سرورِ عالم، نورِ مجسم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَآلِهٖ وَسَلَّم جي آمد) جو ذڪر ڪندا آهن ۞ ۽ ان نعمت جو شڪر ادا ڪندا آهن ۞ ميلاد جي ذريعي واعظ ۽ نصيحت ڪئي ويندي آهي ۞ ميلاد جي برڪت سان دل ۾ **عظمتِ رسول** وڌندي آهي ۞ ميلاد جي برڪت سان عشقِ رسول ۾ اضافو ٿيندو آهي ۞ ۽ عشقِ رسول جي برڪت سان ايمان مضبوط ٿيندو آهي، يعني ميلاد ملهائڻ ايمان جي مضبوطي جو ذريعو آهي ۞ ذڪرِ مصطفيٰ جي محفل تي رحمت جا فرشتا ايندا آهن ۞ ۽ ميلاد جي برڪت سان دين ۽ دنيا جون بيشمار (*Countless*) برڪتون ملنديون آهن. (1)

**امام جلال الدين سيوطي شافعي** رَحْمَةُ اللّٰهِ عَلَيْه **فرمائن ٿا:** جنهن گهر، مسجد يا محلي ۾ ميلاد شريف پڙهيو وڃي ۞ فرشتا ان گهر، مسجد ۽ محلي کي گهيري وٺندا آهن ۞ ۽ فرشتن جا سردار يعني حضرت جبرائيل، حضرت ميڪائيل، حضرت اسرافيل ۽ حضرت عزرائيل عَلَيْهِمُ السَّلَام ميلاد شريف پڙهڻ وارن جي لاءِ رحمت ۽ رضوان جي دعا ڪندا آهن ۞ جنهن گهر ۾ ميلاد شريف پڙهيو ويندو آهي ۞ الله پاڪ ان گهر کي ڏُڪار (*Famine*) ۞ وبائي بيمارين (*Endemic Diseases*) ۞ باهه لڳڻ ۞ ٻڏڻ ۽ ٻين اهڙين ڪيترين ئي آفتن کان محفوظ رکندو آهي ۞ ان گهر ۾ رهڻ وارن کي بغض ۽ حسد کان ۽ بري نظر کان ۽ چوري جي خطري کان بچايو ويندو آهي ۞ ۽ جيڪڏهن

1... ميلادُ النبی منانا امتِ محمدیہ کا متفقہ عمل ،صفحہ:482- 483 بتغير قليل ۔

ان گهر جي اهلِ خانہ مان ڪو فرد وفات ڪري وڃي تہ ان تي نڪيرين (يعني قبر ۾ سوال پڇڻ وارا فرشتا) جي سوالن جا جواب آسان ڪيا ويندا آهن. [1]

**حضرت خواجہ جنيد بغدادي** رَحۡمَةُ اللّٰهِ عَلَيۡه **فرمائن ٿا:** محفلِ ميلاد شريف ۾ شرڪت ڪرڻ ۽ ان محفل جي عزت ۽ تڪريم ڪرڻ سان ايمان مضبوط ٿيندو آهي. [2]

**علامہ قسطلاني** رَحۡمَةُ اللّٰهِ عَلَيۡه **فرمائن ٿا:** ۞ ميلاد ملهائڻ جي برڪت سان سڄو سال گهر ۾ امن رهندو آهي. ۞ دلي مقصد حاصل ڪرڻ جي لاءِ ميلاد ملهائڻ واري کي خوشيون ملنديون آهن ۞ ۽ سندس جائز تمنائون پوريون ٿينديون آهن. [3]

تیرا کھاواں میں تیرے گیت گاواں یَارسولَاللہ!

تیرا میلاد میں کیوں نہ مناواں یَارسولَاللہ!

## ميلاد ملهائڻ جنت ۾ وٺي وڃڻ وارو ڪم آهي

**حضرت سري سقطي** رَحۡمَةُ اللّٰهِ عَلَيۡه **فرمايو آهي:** جيڪو محفلِ ميلاد ۾ وڃڻ جو ارادو ڪندو آهي، اهو اصل ۾ جنت جي باغن ۾ وڃڻ جو ارادو ڪندو آهي، ڇاڪاڻ تہ محفلِ ميلاد صرف ۽ صرف محبتِ رسول جي ڪري ئي سجائي ويندي آهي ۽ رسولِ اڪرم، نورِ مجسم صَلَّى اللّٰهُ عَلَيۡهِ وَآلِهٖ وَسَلَّم جو فرمانِ عالي شان آهي: مَنۡ اَحَبَّنِی كَانَ مَعِیَ فِی الۡجَنَّةِ جيڪو مون سان محبت ڪندو آهي، سو جنت ۾ مون سان گڏ هوندو. [4]

1... نعمۃ الکبریٰ لابن حجر، فصل فی بیان فضل مولدِ النبی ،صفحہ:7بتقدم و تاخر۔
2... نعمۃ الکبریٰ لابن حجر،فصل فی بیان فضل مولدِ النبی ،صفحہ:6 ۔
3... شرح زرقانی ،المقصد الاول،ذکر رضاعہ ،جلد:1،صفحہ:262 ۔
4... نعمۃ الکبریٰ لابن حجر، فصل فی بیان فضل مولدِ النبی ،صفحہ:7۔

## ميلاد شريف جي برڪت سان شِفا ملي وئي

حضرت ميان غلام حيدر رَحۡمَۃُ اللّٰہِ عَلَیۡہ بلوچستان جا هڪ بزرگ ٿي گذريا آهن، انهن جو هڪ مريد (*Devotee*)هو، جنهن جو نالو جمعو هو. هُو ڊاڍر شهر جو رهاڪُو هو، کيس علماءِ ڪرام جا لکيل ميلاد ناما پڙهڻ جو تمام گهڻو شوق هو. هڪ دفعي حضرت ميان غلام حيدر رَحۡمَۃُ اللّٰہِ عَلَیۡہڪنهن ڪم سان ڊاڍر شهر تشريف کڻي آيا، سندن مريد ساڻس ملڻ لاءِ حاضر ٿيا، پر جمعو نہ آيو. ميان صاحب رَحۡمَۃُ اللّٰہِ عَلَیۡہ پڇا ڪئي تہ کين خبر پئي تہ هو گذريل ڏيڍ سال کان بيمار آهي ۽ سندس پير سڪي ويا آهن، هو گهمي ڦِري نہ ٿو سگهي. ميان صاحب رَحۡمَۃُ اللّٰہِ عَلَیۡہ کيس سَڏائي ورتو ۽ فرمايائون: اڄ رات ميلاد نامو پڙهو! اللّٰه پاڪ خير فرمائيندو. مريد پير جي حڪم تي لَبَّيْك چيو ۽ سڄي رات پوري يقين سان ميلاد شريف پڙهندو رهيو. اللّٰه پاڪ مٿس ڪرم فرمايو، صبح جو جڏهن هن اٿڻ جي ڪوشش ڪئي تہ لَتِ جي سهاري پاڻ ئي اٿي بيٺو. ميلاد شريف پڙهڻ جي برڪت سان کيس شفا ملي وئي ۽ هو پاڻ پنهنجن پيرن تي هلندو گهر پهتو.

| | |
|---|---|
| جس وقت کوئی مَرحَلہ دُشوار آگیا | اُس وقت کام سیِّدِ ابرار آگیا |
| برسِیں گھٹائیں رحمتوں کی جھوم جھوم کر | رحمت سراپا جب مِرا سردار آگیا (1) |

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِیب! صَلَّی اللّٰہُ عَلٰی مُحَمَّد

## گهرگهر محفلِ ميلاد سجايو

اي عاشقانِ رسول! اسان جي آقا ۽ موليٰ، مڪي مدني مصطفيٰ صَلَّی اللّٰہُ عَلَیۡہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جو ميلادِ پاڪ آهي، هر گهر سينگاريو! گهٽيون بہ سينگاريو! خوب ڌومُون مچايو! الحمدللہ! عام طور عاشقانِ رسول جي تقريباً هر مسجد ۾ محفلِ ميلاد

1... وسائلِ بخشش،صفحہ:200۔

منعقد ٿيندي آهي، ان سان گڏوگڏ اِها بہ ڪوشش (*Effort*) ڪيو تہ ڪوئي امير (*Rich*) هجي يا غريب (*Poor*) هر عاشقِ رسول پنهنجي گهر ۾ بہ محفلِ ميلاد جو ضرور اهتمام ڪري. جن کي اللہ پاڪ طاقت ڏني آهي، اهي وڏي پئماني تي محفلِ پاڪ جو اهتمام ڪن ۽ جيڪي غريب آهن، اهي بہ پنهنجي وس آهر گهر ۾ محفلِ پاڪ جو اهتمام ڪن، پلي مختصر پروگرام ئي ڪري وٺن، پر محفلِ ميلاد ضرور سجائن. ڪا ئي مشڪل ڳالهہ نہ آهي، پنهنجي گهر ۾ جتي سهولت هجي، پردي جي اهتمام سان جڳهہ مختص ڪيو! پاڙي جي **10،8** اسلامي ڀائرن کي دعوت ڏيو! محلي جي مسجد جي عاشقِ رسول امام صاحب جي خدمت ۾ بيان ڪرڻ لاءِ عرض ڪيو! اِنْ شَآءَ اللّٰهُ الْكَرِيْم! هو ذڪرِ محبوب لاءِ منع نہ ڪندا. مختصر تلاوت ڪيو، هڪ بہ نعت پڙهو! امام صاحب **15،20** منٽن جو بيان ڪري، جيڪڏهن امام صاحب يا ڪنهن عاشقِ رسول مبلغ جي ترڪيب نہ بہ بڻجي سگهي تڏهن بہ مشڪل ناهي. شيخِ طريقت، اميرِ اهل سنت دَامَتْ بَرَكَاتُهُمُ الْعَالِيَه جو رسالو آهي: **صُبح بَهاران**، ان سان گڏ مڪتبة المدينہ جا ڇپيا بہ رسالا آهن: مثال طور: **سياهہ فام غلام، خوفناڪ اُٺ، پوڙهو پوڄاري، نُورَ وارو چهرو، نور جو رانديڪو، عاشقِ ميلاد بادشاهہ**، انهن مان ڪو بہ رسالو يا شانِ مصطفيٰ تي **12** بيانن وارو مختصر ڪتاب حاصل ڪريو! چاهيو تہ دعوتِ اسلامي جي ويب سائيٽ [www.dawateislami.net](http://www.dawateislami.net) تان مفت ڊائونلوڊ ڪري! پاڻ ئي پڙهي ٻڌايو! بيان تي ويندو، آخر ۾ پنهنجي استطاعت مطابق منائي يا ٻي ڪائي مٺي شيءِ وغيره ورهايو! جيڪڏهن منائي ميسر نہ ٿي سگهي تڏهن بہ ڪا ڳالهہ ناهي، جيڪو ميسر هجي، اهو ئي تقسيم ڪيو، ميلاد ملهائڻ لاءِ لنگر يا شيريني ضروري بہ ناهي، اللہ پاڪ جي دربار ۾ پئسو ۽ اهتمام نہ، پر دل جو اخلاص قبول ٿيندو آهي. تنهنڪري اللہ پاڪ جيڪا توفيق بخشي آهي، محفل ۾ شريڪ ماڻهن جي خدمت ۾ پيش ڪيو!

ميلاد جي محفل تي ويندي، ان جي صدقي اِنْ شَآءَ اللهُ الْكَرِيْم! سجو سال گهر ۾ برڪت رهندي.

## جشنِ ولادت ملهائڻ جا 12 مدني گُلَ

عظيم عاشقِ ميلاد، شيخِ طريقت، اميرِ اهل سنت حضرت علامہ مولانا ابوبلال محمد الياس عطار قادري دَامَتْ بَرَكَاتُهُمُ الْعَالِيَه فرمائن ٿا:

**(1):** جشنِ ولادت جي خوشي ۾ مسجدن، گهرن، دڪانن، سوارين ۽ پنهنجي محلي ۾ مدني پرچم لهرايو ۞ خوب چراغان ڪريو ۞ پنهنجي گهر تي گهٽ ۾ گهٽ **12** بلب تہ ضرور روشن ڪريو ۞ ربيع الاول شريف جي ٻارهين رات ثواب حاصل ڪرڻ جي نيت سان اجتماعِ ميلاد ۾ شرڪت ڪريو ۞ ۽ صبح صادق جي وقت سبز سبز مدني پرچم کڻي، درود ۽ سلام پڙهندي، اکين ۾ ڳوڙها آڻي صبحِ بهاران جو استقبال (*Welcome*) ڪيو ۞ **12** ربيع الاول شريف جي ڏينهن جيڪڏهن ممڪن هجي تہ روزو رکو، جو پيارا آقا مڪي مدني مصطفيٰ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَآلِهٖ وَسَلَّم سُومَر **(Monday)** جي ڏينهن روزو رکي پنهنجو يومِ ولادت ملهائيندا هئا. [(1)]

**(2):** ڪعبة الله شريف جي نقشي (*Model*) ۾ مَعَاذَالله ڪتي ڪتي گُڏِين جو طواف ڏيکاريو ويندو آهي، اهو گناهہ آهي. زمانہءِ جاهليت ۾ ڪعبي شريف ۾ **360** بت رکيل هئا، اسان جي پياري آقا صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَآلِهٖ وَسَلَّم فتحِ مڪہ ڪان پوءِ ڪعبہ مشرفہ کي بتن کان پاڪ ڪيو، تنهنڪري نقشي ۾ بہ بت (گڏيون) نہ هجڻ گهرجن، ان جي جاءِ تي پلاسٽڪ جا گل رکي سگهجن ٿا. (طوافِ ڪعبہ جي منظر واري تصوير، جنهن ۾ چهرو واضح نظر نہ اچي رهيو هجي، ان کي مسجد يا گهر ۾ لڳائڻ جائز آهي، پر جيڪا تصوير زمين تي رکي اُٿي بيهي ڏسڻ سان چهرو واضح نظر اچي تہ اهڙي تصوير لڳائڻ ناجائز ۽ گناهہ آهي.)

1... مسلم،كتاب الصيام، باب استحباب صيام ثلاثة ...الخ،صفحه:423،حديث:1162 ماخوذاً .

**(3):** اهڙا دروازا (*Gate*)لڳائڻ جائز نہ آهن جن ۾ جاندارن جون تصويرون نهيل هجن. جاندارن جي تصويرن (*Pictures*)جي مذمت ۾ **2** احاديث مبارڪ پڙهو ۽ خوفِ خدا کان ڪَنبِي وڃو ۞ رحمت جا فرشتا ان گهر ۾ داخل نہ ٿيندا آهن جنهن گهر ۾ ڪتو يا تصوير هجي[1] ۞ جيڪو (جاندار جي) تصوير ناهيندو، الله پاڪ ان کي تيستائين عذاب ڏيندو رهندو جيستائين هو ان تصوير ۾ روح نہ وجهي ۽ هو ان ۾ ڪڏهن بہ روح نہ وجهي سگهندو.[2]

**(4):** جشنِ ولادت جي خوشي ۾ ڪجهہ هنڌن تي گانا ۽ باجا وڄايا ويندا آهن ائين ڪرڻ گناهہ آهي. هن سلسلي ۾ **2** روايتون پيشِ خدمت آهن: ۞ سرڪارِ مدينہ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَآلِهٖ وَسَلَّم فرمايو: مون کي دُهل ۽ بانسري ٽوڙڻ جو حڪم ڏنو ويو آهي.[3] ۞ **حضرت ضحاڪ** رَحْمَةُ اللّٰهِ عَلَيْه **کان روايت آهي:** گانو دل کي خراب ۽ الله پاڪ کي ناراض ڪرڻ وارو آهي.[4]

**(5):** نعتِ پاڪ بيشڪ هلايو پر هلڪي آواز ۾ ۽ ان احتياط سان تہ ڪنهن عبادت ڪرڻ واري، سُتَل يا بيمار کي تڪليف نہ ٿئي ۽ آذان ۽ نماز جي وقتن جي بہ رعايت ڪريو. (عورت جي آواز ۾ نعت نہ هلايو).

**(6):** گهٽي يا روڊ کي اهڙي نموني سينگارڻ (*Decoration*) يا جهنڊو وغيره لڳائڻ جنهن سان راهہ ويندڙ يا گاڏي هلائڻ وارن مسلمانن کي تڪليف ٿئي ناجائز آهي.

**(7):** چراغان ڏسڻ جي لاءِ عورتن جو اجنبي مردن ۾ بي پردهہ نڪرڻ حرام ۽ شرمناڪ آهي ۽ باپردهہ عورتن جو بہ موجوده انداز ۾ مردن ۾ مِلي جُلي

---

1... بخاری،کتاب بدء الخلق ،باب اذا وقع الذباب...الخ ،صفحہ:845 ، حدیث:3322۔
2... بخاری ،کتاب البیوع،باب بیع التصاویر ...الخ،صفحہ:572 ، حدیث:2225۔
3...مسند فِردَوس، جلد:1، صفحہ:398، حدیث:1608۔
4... تفسیراتِ احمدیہ،پارہ: 21 ،لقمان ،زیرِ آیت: 6 ،صفحہ:587۔

وجھ انتهائي افسوسناڪ آهي. بجلي (*Electricity*) جي چوري بہ ناجائز آهي. تنھن ڪري ھن سلسلي ۾ بجلي فراھم ڪرڻ واري اداري سان رابطو ڪري جائز ذريعن سان چراغان ڪرڻ جو بندوبست ڪريو.

**(8):** جلوسِ ميلاد ۾ حتي الامڪان وضوءَ سان رهو، نماز باجماعت جي پابندي جو خيال رکو. **عاشقانِ رسول نماز جي جماعت ترڪ ڪرڻ وارا نہ هوندا آهن.**

**(9):** جلوسِ ميلاد ۾ تانگو ۽ اُٺ گاڏي نہ آڻيو، ڇاڪاڻ تہ گھوڙي ۽ اُٺ جي پيشاب ۽ لِڏِ ڪَرڻ سان عاشقانِ رسول جا ڪپڙا پليت ٿيڻ جو انديشو هوندو آهي.

**(10):** جلوس ۾ مڪتبة المدينہ جا رسالا خوب ورهايو، فروٽ ۽ ڪاڏو وغيره اُڇلائي ڏيڻ جي بدران ماڻھن جي هٿن ۾ ڏيو، ڇاڪاڻ تہ زمين تي ڪرڻ، وِڪرَڻ ۽ پيرن هيٺان لتاڙجڻ سان انھن جي بيحرمتي ٿيندي آهي.

**(11):** اشتعال انگيز نعري بازي پُروقار جلوسِ ميلاد کي منتشر ڪري سگھي ٿي، پُراَمن رهڻ ۾ اوهان جي پنھنجي ئي ڀلائي آهي.

**(12):** خدا نخواستہ جيڪڏهن ڪٿي ڪا ٿوري گھڻي مزاحمت ٿئي تڏهن بہ جذبات ۾ اچي جوابي ڪارروائي نہ ڪيو، ڇو جو ائين ڪرڻ سان اوهان جو جلوسِ ميلاد منتشر ٿي ويندو ۽ دشمن جو مقصد پورو ٿي ويندو.[1]

غُنچے چٹکے، پُھول مہکے ہر طرف آئی بہار | ہو گئی صبحِ بَہاراں عیدِ میلادُ النّبی (2)

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيب! صَلَّى اللهُ عَلٰى مُحَمَّد

## مدني قاعِده (*Madani Qaida*) موبائِل ايپلي ڪيشن

پيارا اسلامي ڀائرو! قرآن ڪريم جو فيض عام ڪرڻ جي لاءِ دعوتِ اسلامي جي آءِ ٽي *I.T* ڊپارٽمنٽ ھڪ موبائل ايپلي ڪيشن جاري ڪئي آهي، جنھن

1... صبح بہاراں ،صفحہ:20 - 24 ملتقطًا۔

2... وسائلِ بخشش،صفحہ:380۔

جو نالو آهي: مدني قاعده (*Madani Qaida*). هن ايپلي ڪيشن ۾ مڪمل مدني قاعدو ۽ ان جي آڊيو (*Audio*) شامل ڪئي وئي آهي، يعني هن ايپلي ڪيشن ۾ اوهان مدني قاعدي جي جنهن به حرف يا لفظ تي ڪلڪ ڪندا ته آڊيو (*Audio*) ۾ ان جو تلفظ هلندو. اهڙي طرح هن ايپلي ڪيشن جي مدد سان آساني سان مدني قاعدو پڙهي، ان جي مشق (*Practice*) ڪري درست مخارج ۽ ضروري تجويد سکي سگهجي ٿي. هيءَ ايپلي ڪيشن پنهنجي سمارٽ فون ۾ انسٽال ڪري ڇڏيو، پاڻ به فائدو حاصل ڪريو ۽ ٻين کي به ان جي ترغيب ڏياريو.

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيب! صَلَّى اللّٰهُ عَلٰی مُحَمَّد

بيان کي ختم ڪرڻ کان پهريان هڪ شرعي مسئلو عرض ڪريان ٿو:

## صحيح ڇا آهي؟

(درست شرعي مسئلو ۽ عوام جي ذهنن ۾ پلجندڙ غلط فهمي جي نشاندهي)

**مسئلو:** صفر يا ربيع الاول ۾ ڪم ڪرڻ کي نقصانڪار ۽ منحوس سمجهڻ غلط ۽ بي بنياد آهي.

**وضاحت:** ڪجهه ماڻهو صفر يا ربيع الاول ۾ ڪم ڪرڻ يا تعميرات ڪرائڻ وغيره کي نقصانڪار ۽ منحوس سمجهندا آهن، پر ياد رکو...!! صفر، ربيع الاول يا ڪنهن به ٻئي مهيني ۾ تعميرات (*Construction*)يا ٻيو ڪو به جائز ڪم ڪري سگهجي ٿو، شرعاً ان جي ڪا به ممانعت نه آهي، ۽ ڪنهن جو انهن مهينن ۾ ڪم ڪرڻ کي نقصانڪار ۽ منحوس سمجهڻ غلط ۽ بي بنياد آهي. اهڙي سوچ جاهليت جي زماني ۾ رکي ويندي هئي، جنهن کان اسلام منع ڪيو آهي. الله پاڪ اسان کي درست اسلامي احڪام سکڻ ۽ انهن تي عمل ڪرڻ جي توفيق نصيب فرمائي. اٰمِين بِجَاهِ خَاتَمِ النَّبِيّٖن صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم.

# اَسماءُ الحسنيٰ جون برڪتون (وظيفو)

## يَاعَلِيُّ

هي الله پاڪ جو پيارو نالو آهي ۽ ان کي پڙهڻ جي هڪ برڪت اها آهي تہ جيڪو ورم (يعني سوڄ) تي **3** دفعا يَاعَلِيُّ پڙهي دم ڪندو تہ اِنْ شَآءَ اللهُ الْكَرِيْم! صحتياب ٿيندو.[1]

الله پاڪ اسان کي عمل جي توفيق عطا فرمائي.

اٰمِيْن بِجَاہِ خَاتَمِ النَّبِيّٖن صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ واٰلِهٖ وَسَلَّم

---

[1]...مدنی پنج سورہ، صفحہ:251۔